# برڪاتِ زڪواة

هفتہ وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ
وارو سنتن ڀريو بيان



اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# زڪواة جون برڪتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وننڌا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.**

## دُرود شريف جي فضيلت

**حُضُور نبيّ پاڪ ،صاحبِ لَولاڪ، سياحِ اَفْلاڪ** صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جڏهن پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا بہ ٻانها پاڻ ۾ ملاقات ڪندا آهن ۽ نبيِ ڪريم** (صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) **تي دُرودِ پاڪ پڙهندا آهن تہ انهن ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان پهرين ان جا اڳيان پٺيان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا آهن.“** (مسند ابي يعلي الموصلي، مسند انس بن مالڪ، الحديث:٢٩٥١،ج٣،ص٩٥)

ذکر و درود ہر گھڑی وردِ زباں رہے　　میری فضول گوئی کی عادت نکال دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٿڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السيقن،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ۞ اللّٰه جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ۞ ڏسي بيان ڪندس ۞ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّکَ بِالۡحِکۡمَۃِ وَ الۡمَوۡعِظَۃِ الۡحَسَنَۃِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّیۡ وَلَوۡ آیَۃً[1] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ۞ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ۞ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهہ رکندس يعني پنهنجي علم جو رُعب ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ۞ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ۞ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ۞ نظر جي حفاظت ڪرڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس. صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

---

[1] ...بخاری، ڪتاب احاديث الانبياء،باب ماذکر عن بنی اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت

قَارون، حضرتِ سَيِّدُنا موسٰي عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي چاچي يَصهَر جو پُٽ هو،الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بي پناهه دولت سان نوازيو هو، ايستائين جو ان جي خزاني جون ڪنجيون اهڙا چاليهه (40) ماڻهو کڻندا هئا جيکي عام مردن کان طاقتور هئا. (تفسيرِ خازن، پ٢٠، القصص، تحت الآية:٧٦، ٣/۴۴٠ ملتقطاً)

جيئن تہ 20سيپاري ۾ سُوۡرَةُالۡقَصَصۡ، آيت نمبر 76 ۾ ارشادِ باري تعاليٰ آهي.

وَ اٰتَيۡنٰهُ مِنَ الۡكُنُوۡزِ مَآ اِنَّ مَفَاتِحَهٗ لَتَنُوۡٓاُ بِالۡعُصۡبَةِ اُولِي الۡقُوَّةِ (پ٢٠، القصص: ٧٦)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اسان ڪيس ايترا خزانہ ڏنا هئا جن جون ڪنجيون هڪ طاقتور جماعت تي (کڻڻ) ڳريون هيون

جڏهن الله تَبَارَكَ وَ تعاليٰ بني اسرائيل تي زڪوٰة جو حڪم نازل فرمايو تہ قارُون حضرتِ سَيِّدُنا موسٰي عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام وٽ آيو ۽ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام سان هي طئي ڪيو تہ هڪ هزار 1000 دينار تي هڪ دينار، هزار 1000 درهمن تي هڪ درهم جڏهن تہ هزار 1000 ٻڪرين تي هڪ ٻڪري ۽ اهڙي طرح ٻين شين ۾ بہ هزارون حصّو زڪوٰة ڏيندو. جڏهن ان پنهنجي گهر وڃي پنهنجي مال جي زڪوٰة جو حساب ڪيو تہ تمام وڏيڪ مال تي رهيو هو، ان جي نفس ايترو سارو مال ڏيڻ جي همّت نہ ڪئي، تنهنڪري ان بني اسرائيل کي جمع ڪري چيو تہ توهان موسٰي عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي هر ڳالهہ جي اطاعت ڪئي، هاڻي اهي توهان جو مال کڻڻ چاهين ٿا، ڇا ٿا چئو؟ انهن چيو، تون اسان جو وڏو آهين، جيڪو



www.dawateislami.net

چاهين حڪم ڏي. قارون چيو تہ فُلان بَدچَلن عورت ڏانهن وڃو ۽ ان سان هڪ مُعاوضو مقرّر ڪريو تہ اها حضرتِ موسٰي عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي تُهمت لڳائي، جڏهن ايئن ٿيندو تہ بني اسرائيل، حضرتِ موسٰي عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ڇڏي ڏيندا، پوءِ قارون ان عورت کي هڪ هزار 1000 درهم ۽ هڪ هزار 1000 دينار ڏئي ان ڳالهہ تي راضي ڪيو تہ اها حضرتِ موسٰي عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي تهمت لڳائي. ٻي ڏينهن قارُون بني اسرائيل کي جمع ڪيو ۽ حضرتِ موسٰي عَلَيۡهِ وَالسَّلَام وٽ اچي چوڻ لڳا تہ بني اسرائيل توهان جو انتظار ڪري رهيا آهن، توهان انهن کي وعظ ۽ نصيحت فرمايو. حضرتِ موسٰي عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تشريف وٺي آيا ۽ بني اسرائيل کي نصيحت ڪندي مختلف گناهن جون سزائون بيان ڪيون. قارُون چوڻ لڳو: ڇا هي حڪم سيني جي لاءِ آهي، چاهي توهان ئي هجو؟ پاڻ فرمايائون: چاهي آئون ئي ڇو نہ هجان. چوڻ لڳا: بني اسرائيل جو خيال آهي تہ توهان فُلان عورت سان بدڪاري ڪئي آهي.

حضرتِ موسٰي عَلَيۡهِ وَالسَّلَام فرمايو ان کي گهرايو. اها عورت آئي تہ حضرتِ موسٰي عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرمايو: توکي ان ذات جي قسم! جنهن بني اسرائيل جي لاءِ دريا جبل ۽ ان مان رستو ٺاهيو ۽ تَورَيت نازل ڪئي، سچ ڳالهہ ڇئجان. اها عورت ڊڄي وئي ۽ ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول تي تهمت لڳائي ايذاء رسائڻ جي همت نہ ٿي، ان پنهنجي دل ۾ چيو تہ ان کان توبهہ ڪرڻ بهتر آهي. ان حضرتِ موسٰي عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي عرض ڪيو تہ "الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪو ڪجهہ قارُون چوَرائڻ چاهي ٿو اهو ڪوڙ آهي، سچ تہ هي آهي تہ ان مونکي تمام گهڻي مال جي لالچ



www.dawateislami.net

ڏني تہ جيئن آئون توهان تي تهمت لڳايان.“ هي ٻڌي ڪري حضرتِ موسٰي عَلَيۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي حُضُور سجدي ۾ ڪري پيا ۽ هي عرض ڪرڻ لڳا : ياربّ! عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن آئون تنهنجو رسول آهيان تہ منهنجي خاطر قَارُون تي غضب فرما. اللّٰه تعالٰي سندس جي طرف وحي فرمائي تہ آئون زمين کي توهان جي فرمانبرداري جو حڪم ڏيان، توهان ان کي جيڪو چاهي حڪم ڏيو. حضرتِ موسٰي عَلَيۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بني اسرائيل کي فرمايو: اي بني اسرائيل! اللّٰه تعالٰي مون کي قَارون جي طرف موڪليو آهي جيئن فرعون جي طرف موڪليو هو، جيڪو قارون جو ساٿي هجي، اُهو ان سان گڏ انهي جڳهہ تي رُڪي ۽ جيڪو منهنجو ساٿي آهي اهو الڳ ٿي وڃي. سڀ ماڻهو قارون کان جدا ٿي ويا ۽ ٻن ماڻهن کان علاوه ڪوبہ ان سان گڏ نہ رهيو. تڏهن حضرتِ موسٰي عَلَيۡہِ وَالسَّلَام زمين کي حڪم ڏنو: يَا اَرۡضُ خُذِيۡهِمۡ يعني اي زمين انهن کي جهلي وٺ! تہ اهي گوڏن تائين زمين ۾ دٻجي ويا. پاڻ ٻيهر اهو فرمايو تہ چيلهہ تائين دٻجي ويا، پاڻ اهو فرمائيندا رهيا ايستائين جو اهي ماڻهو ڪنڌ تائين دٻجي ويا، هاڻي اهي ٻاڏائڻ لڳا ۽ قَارُون، توهان کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا قسم ۽ رشتي ۽ قرابت جا واسطا ڏيڻ لڳو پر پاڻ عَلَيۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن شدّتِ جلال جي سبب توجّہ نہ فرمائي، ايستائين جو اهي بالڪل زمين ۾ دٻجي ويا ۽ زمين برابر ٿي وئي.

حضرتِ قَتَاده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن فرمايو تہ اهي قيامت تائين زمين ۾ دٻجندا ئي رهندا. بني اسرائيل وارن چيو تہ حضرت موسٰي عَلَيۡہِ وَالسَّلَام قارون



www.dawateislami.net

جي مڪان ۽ ان جي خزانن ۽ مال جي سبب سان ان کي بددُعا ڏني. هي ٻڌي ڪري پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام دُعا ڪئي تہ ان جو مڪان ۽ ان جا خزانا ۽ مال سڀ زمين ۾ دٻجي ويا.

(تفسيرِ خازن، پ۲۰، القصص، تحت الآية:۸۱، ۳/۴۴۲ ملخصاً)

الله ربُّ العَالَمِيۡن جَلَّ جَلَالُهٗ قرآنِ مجيد، فرقانِ حميد ۾ قارون جي انجام جو ڪجهہ هن طرح بيان فرمايو آهي، جيئن تہ سُوۡرَةُ الۡقَصَص ۽ آيت نمبر 81 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

فَخَسَفۡنَا بِهٖ وَ بِدَارِهِ الۡاَرۡضَ ۟ فَمَا كَانَ لَهٗ مِنۡ فِئَةٍ يَّنۡصُرُوۡنَهٗ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ ۟ وَ مَا كَانَ مِنَ الۡمُنۡتَصِرِيۡنَ ﴿۸۱﴾ (پ ۲۰، القصص: ۸۱)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ اسان ان کي ۽ ان جي گهر کي زمين ۾ دٻي ڇڏيو پوءِ ان وٽ ڪا جماعت نہ هئي جيڪا الله کان بچائڻ ۾ ان جي مدد ڪري ها ۽ نہ وري اهو بدلو وٺي سگهيو

منا منا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ دُنيَوي مال جي محبت ۾ زڪوٰة ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول سان دشمني ڪرڻ وارن جو انجام ڪهڙو خوفناڪ ٿيو، نہ انهن کي مال ڪم آيو نہ سندن خزانا، بلڪ اُهي پنهنجي خزانن سميت ئي عذاب جي وڪڙ ۾ اچي ويا. سُوۡرَةُ الۡقَصَص ۾ بيان ڪيل ان واقعي ۾ جتي دنيا جي مال جو خوفناڪ انجام معلوم ٿئي ٿو اتي زڪوٰة جي اهميّت بہ بخوبي واضح ٿي رهي آهي.

## فرضيتِ زڪوٰة

ياد رهي تہ اُمتِ محمّديہ تي بہ زڪوٰة جي ادائيگي فرض آهي. جيئن تہ سيپاري 1، سُوۡرَةُ الۡبَقَرَه ۾ آيت نمبر 43 ۾ ارشاد باري تعالٰي آهي:



www.dawateislami.net

وَاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ **ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ نماز قائم رکو ۽ زڪوٰة ڏيو (پ١، البقرة:٤٣)

صَدرُ الافَاضِل حضرتِ علّامه مولانا مُفتي سيّد محمد نَعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه **خزائن العرفان** ۾ ان آيت جي تحت لکن ٿا: هن آيت ۾ نماز ۽ زڪوٰة جي فرضيّت جو بيان آهي.

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! زڪوٰة ارڪانِ اسلام مان هڪ رُڪن آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: اسلام جو بنياد پنج (5) ڳالهين تي آهي، ان ڳالهه جي گواهي ڏيڻ ته الله تعالٰي کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ محمد (صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ان جا رسول آهن، نماز قائم ڪرڻ، زڪوٰة ادا ڪرڻ، حج ڪرڻ ۽ رمضان جا روزا رکڻ.

(صحيح البخاري ،ڪتاب الايمان ،باب دعاء کم ايمانکم ،الحديث٨،ج١،ص١٤)

زڪوٰة جي اهميّت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته قرآنِ مجيد، فرقانِ حميد ۾ نماز ۽ زڪوٰة جو 32 دفعا گڏ ذڪر آيو آهي.

(ردالمحتار،ڪتاب الزڪوٰة، ج٣، ص٢٠٢)

## زڪوٰة جي اهميت

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! ڪوبه مُلڪ چاهي مَعَاشي طور تي ڪيترو ئي خوشحال ڇو نه هجي، پر ان ۾ ماڻهن جو هڪ اهڙو طبقو ضرور رهندو آهي جيڪو مختلف سببن جي باعث غربت ۽ مفلسي جو شڪار هوندو آهي. اهڙن ماڻهن جي ڪفالت جي ذمه داري الله عَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

صاحبِ حيثيت ماڻهن جي سپرد ڪئي آهي. جيئن تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مالدارن تي زڪوٰة فرض ڪئي تہ جيئن اهي پنهنجي زڪوٰة جي ذريعي معاشري جي ڪمزور ۽ نادار طبقي جي مدد ڪن ۽ دولت ڪجھ ماڻهن جي مُٺين ۾ قيد هئڻ جي بجائي مَفلُوڪُ الحَال ماڻهن تائين بہ پهچندي رهي ۽ ايئن مُعاشري ۾ معاشي برابري جي فضا قائم رهي. ياد رهي تہ جيڪڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ چاهي ها تہ سڀني کي دولت مند بڻائي ڇڏي ها ۽ ڪو شخص غريب نہ هجي ها پر ان پنهنجي مشيّت سان ڪنهن کي امير بڻايو ۽ ڪنهن کي غريب بڻايو تہ جيئن امير کي سندس دولت سان ۽ غريب کي سندس غربت سان آزمائي. جيئن تہ سيپاري 8، سُوۡرَةُالۡاَنۡعَام، آيت نمبر 165 ۾ ارشادِ باري تعالٰي آهي:

وَ هُوَ الَّذِیۡ جَعَلَكُمۡ خَلٰٓئِفَ الۡاَرۡضِ وَ رَفَعَ بَعۡضَكُمۡ فَوۡقَ بَعۡضٍ دَرَجٰتٍ لِّیَبۡلُوَكُمۡ فِیۡ مَاۤ اٰتٰىكُمۡ ؕ (پ٨، الانعام:١٦٥)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اهو ئي آهي، جنهن زمين ۾ توهان کي نائب ڪيو ۽ توهان مان هڪڙن کي ٻين تي ڪيئي درجا بلند ڏنائين جيئن توهان کي آزمائي ان شيءِ ۾ جيڪا توهان کي عطا ڪيائين

يعني آزمائش ۾ وجهي تہ جيئن توهان نعمت، عزت ۽ مال حاصل ڪري ڪيترو شڪر گذار رهو ٿو ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻي سان ڪهڙو سُلوڪ ڪريو ٿا. (خزائن العرفان، پ ٨، الانعام، تحت الآية:١٦٥)

معلوم ٿيو تہ دنيا دارُالامتحان (يعني آزمائش جو گهر) آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ هر حڪمِ خداوندي کي پنهنجي لاءِ سعادت



www.dawateislami.net

سمجهندي خوش دلي سان ادا ڪريون ۽ پنهنجي آخرت جي لاءِ اجر ۽ ثواب جو ذخيرو جمع ڪريون. ان ڪان علاوه زڪوٰة تہ هڪ اهڙي عبادت آهي، جنهن ۾ اسان جي لاءِ دنيا ۽ آخرت جا بيشمار فائدا ۽ فضيلتون رکيون ويون آهن. اچو تہ زڪوٰة ڏيڻ جا (15) فائدا ٻڌون ۽ پنهنجي دل ۾ ان جي اهميّت کي مزيد پختو ڪريون.

## (1) تڪميلِ ايمان جو ذريعو

زڪوٰة ادا ڪرڻ واري کي پهرين سعادت اها حاصل ٿيندي آهي جو زڪوٰة ڏيڻ، ان جي ايمان جي تڪميل جو سبب بڻجي ٿي. اچو تہ! انهيءَ متعلق ٻہ فرمانِ مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون:

1. توهان جي اسلام جو پورو ٿيڻ هي آهي تہ زڪوٰة ادا ڪريو.
(الترغيب والترهيب كتاب الصدقات ،باب الترغيب في اداءِ الزكوٰة،الحديث١٢، ج١، ص٣٠١)

2. جيڪو الله (عَزَّوَجَلَّ) ۽ ان جي رسول (صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي ايمان رکندو هجي، ان تي لازم آهي تہ پنهنجي مال جي زڪوٰة ادا ڪري.
(المعجم الكبير ،الحديث ١٣٥٦١،ج١٢،ص٣٢٤)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (2) رحمتِ الٰهي جي برسات

زڪوٰة ڏيڻ واري کي ٻي سعادت هي ملندي آهي تہ ان تي رحمتِ الٰهي جي ڇماڇم بارش ٿيندي آهي، جيئن تہ سيپاري 9، سُوْرَةُ الْاَعْرَاف، آيت نمبر 156 ۾ آهي:



www.dawateislami.net

وَ رَحْمَتِیْ وَسِعَتْ كُلَّ شَیْءٍؕ فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِیْنَ یَتَّقُوْنَ وَ یُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ الَّذِیْنَ هُمْ بِاٰیٰتِنَا یُؤْمِنُوْنَۚ﴿۱۵۶﴾ (پ۹، الاعراف:۱۵۶)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ منھنجي رحمت ھر شيءِ کان وسيع آھي پوءِ عنقريب مان نعمتون انھن واسطي لکندس، جيڪي ڊڄن ٿا ۽ زڪوٰة ڏين ٿا ۽ اُھي اسان جي آيتن تي ايمان رکن ٿا.

اپنی رحمت کی اپنی عَطا کی میرے مولیٰ تُو خَیرات دیدے
لاج رکھ میرے دَستِ دُعا کی میرے مولیٰ تُو خَیرات دیدے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (3) تقوٰي ۽ پرھيزگاري حاصل ڪرڻ جو ذريعو

زڪوٰة جو ٽيون (3) فائدو ھي آھي تہ تقوٰي حاصل ٿيندي آھي. جيئن تہ

قُرآنِ پاڪ ۾ سيپاري 1، سُوْرَةُ الْبَقَرَہ، آيت نمبر 3، مُتّقين جي علامتن مان ھڪ علامت ھي بہ بيان ڪئي وئي آھي:

وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ یُنْفِقُوْنَۙ﴿۳﴾ (پ۱، البقرة:۳)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اسان جي ڏني مان (اسان جي واٽ ۾) خرچ ڪن ٿا

## (4) ڪاميابي جو رستو

زڪوٰة جو چوٿون فائدو ھي آھي تہ ان سان ٻانھو "ڪامياب ٻانھن" جي فھرست ۾ شامل ٿي ويندو آھي. جيئن تہ قرآنِ پاڪ ۾ فلاح تائين پھچڻ وارن جو ھڪ ڪم زڪوٰة بہ بيان ڪيو ويو آھي،



www.dawateislami.net

جيئن تہ سيپاري 18، سُوْرَةُ الْمُؤْمِنُوْن، آيت نمبر 1 کان 4 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱﴾ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ صَلَاتِهِمْ خٰشِعُوْنَ ﴿۲﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ ﴿۳﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ لِلزَّكٰوةِ فٰعِلُوْنَ ﴿۴﴾

(پ۱۸، المؤمنون: ۱-۴)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ مراد کي پهتا ايمان وارا. جيڪي پنهنجي نماز ۾ عاجزي ۽ زاري ڪن ٿا. ۽ اهي جيڪي ڪنهن بيهودي ڳالهہ جي طرف واجهائيندا نہ آهن. ۽ اُهي جيڪي زڪوٰة ادا ڪندڙ آهن.

## (5) نصرتِ الٰهي جو مستحق

پنجين (5) فضيلت هي آهي تہ الله تعالٰي زڪوٰة ادا ڪرڻ وارن جي مدد فرمائيندو آهي. جيئن تہ سيپاري 17 ، سُوْرَةُ الْحَجِّ، آيت نمبر 41، 40 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَلَيَنْصُرَنَّ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿۴۰﴾ اَلَّذِيْنَ اِنْ مَّكَّنّٰهُمْ فِي الْاَرْضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ وَ اَمَرُوْا بِالْمَعْرُوْفِ وَ نَهَوْا عَنِ الْمُنْكَرِ ؕ وَ لِلّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ﴿۴۱﴾

(پ۱۷، الحج، ۴۰،۴۱)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ بيشڪ الله ضرور مدد فرمائيندو ان جي جيڪو ان جي دين جي مدد ڪندو بيشڪ الله قدرت وارو غالب آهي. اهي ماڻهو جو جيڪڏهن اسان انهن کي زمين ۾ طاقت ڏيون تہ نماز قائم ڪن ۽ زڪوٰة ڏين ۽ چڱائي جو حڪم ڏين ۽ برائي کان روڪن ۽ الله جي واسطي ئي آهي سمورن ڪمن جي پڇاڙي.

## (6) مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ

ڇهون (6) فائدو هي آهي تہ زڪوٰة جي ادائگي سان غريبن جي



www.dawateislami.net

ضرورت پوري ٿيندي ۽ انهن جي دل ۾ خوشي داخل ٿيندي آهي. ياد رهي تہ مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ بہ وڏو ثواب آهي. ٻنهي جهانن جي تاجوَر ، سُلطانِ بحروبر صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله عَزَّوَجلَّ جي ويجهو فرائض جي ادائيگي کان پوءِ سڀ کان افضل عمل مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ آهي. (معجم ڪبير، ١١/ ٥٩، حديث: ١١٠٧٩)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (7) اسلامي مُعاشري جو حُسن

ستين (7) فضيلت هي آهي تہ زڪوٰة ڏيڻ جو حڪم اسلامي مُعاشري جو حُسن آهي تہ هڪ غني مسلمان غريب مسلمان کي زڪوٰة ڏئي ڪري ان کي مُعاشري ۾ بهتر زندگي گذارڻ جو حوصلو مهيا ڪندو آهي ۽ پڻ غريب جي دل ڪيني ۽ حسد جي شڪارگاهہ بڻجڻ کان محفوظ رهندي آهي ڇو تہ هو ڄاڻيندو آهي تہ ان جي غني مسلمان جي مال ۾ سندس حق بہ موجود آهي، اهڙي طرح هو پنهنجي ڀاءُ جي جان، مال ۽ اولاد ۾ برڪت جي لاءِ دعاگو رهندو آهي، نبيِّ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”بيشڪ مؤمن جي لاءِ مؤمن عمارت جي مثل آهي، جيڪي هڪ ٻئي کي تقويت پهچائيندا آهن. (صحيح البخاري،ڪتاب الصلوة،باب تشبيڪ الاصابع...الخ،الحديث٤٨١،ج١،ص١٨١ )

## (8) مضبوط ڀائي چارو

انون (8) فائدو هي آهي تہ زڪوٰة مسلمانن جي درميان ڀائي چارو مضبوط بنائڻ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪندي آهي، جنهن ۾ اسلامي



www.dawateislami.net

مُعاشري ۾ اجتماعيت کي رونق ملندي آهي ۽ پاڻ ۾ امداد جي بنياد تي مسلمان پنهنجي پياري آقا ، مديني واري مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان فرمانِ عظيم جو مصداق بڻجي ويندا آهن تہ: مسلمانن جي پاڻ ۾ دشمني ۽ رحمت ۽ شفقت جو مثال جسم وانگر آهي، جڏهن جسم جو ڪو عضوو بيمار ٿيندو آهي تہ بُخار ۽ بي آرامي ۾ سڄو جسم ان سان شريڪ هوندو آهي.

(صحيح مسلم ،ڪتاب البر والصلة والآداب ، باب تراحم المؤمنين ..الخ،الحديث۲۵۸۶،ص۱۳۹۶)

## 9 مال پاڪ ٿي ويندو آهي

زڪوٰة ڏيڻ واري کي نائون (9) فائدو هي حاصل ٿيندو آهي جو ان جو مال پاڪ ٿي ويندو آهي، جيئن تہ حضرت سَيِّدُنا اَنَس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ شَهنشَاهِ مدينه ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: پنهنجي مال جي زڪوٰة ڪڍ جو اها مال کي پاڪ ڪرڻ واري آهي، توکي پاڪ ڪري ڇڏيندي.

(مسندامام احمد،مسند انس بن مالڪ ،حديث: ۱۲۳۹۷،ج۴،ص۲۷۴)

## (10) بُري صفتن کان ڇوٽڪارو

ڏهون (10) فائدو هي آهي تہ زڪوٰة نہ صرف مال کي پاڪيزه بڻائيندي آهي بلڪ نفس کي بہ پاڪيزگي بخشيندي آهي جو نفس کي لالچ ۽ بُخل جهڙي بُري صفتن کان نجات ڏياريندي آهي. قرآنِ پاڪ ۾ سيپاري 4، سُوْرَۃُ آلِ عِمرٰن، آيت نمبر 180 ۾ بُخل جي مذمّت هنن لفظن سان بيان ڪئي وئي آهي:



www.dawateislami.net

وَ لَا یَحْسَبَنَّ الَّذِیْنَ یَبْخَلُوْنَ بِمَاۤ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ هُوَ خَیْرًا لَّهُمْؕ بَلْ هُوَ شَرٌّ لَّهُمْؕ سَیُطَوَّقُوْنَ مَا بَخِلُوْا بِهٖ یَوْمَ الْقِیٰمَةِؕ (پ۴،اٰل عمرٰن:۱۸۰)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪي بخل ڪندا آهن ان شيءِ ۾ جيڪا الله انهن کي پنهنجي فضل سان ڏني آهي ان کي هرگز سنو نہ سمجهن بلڪ اهو انهن لاءِ بڇڙو آهي جنهن ۾ بخل ڪيائين سگهو ئي اهو قيامت جي ڏينهن انهن جي ڳچيءَ جو ڳٽ هوندو

مجھے مال و دولت کی آفت نے گھیرا بَچا یااِلٰہی بَچا یااِلٰہی
نہ دے جاہ وحَشمَت نہ دولت کی کَثرَت گدائے مدینہ بنا یااِلٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (11) مال جي برڪت

زڪوٰة جو يارهون (11) فائدو هي آهي زڪوٰ ة ڏيڻ واري جو مال گهٽ نہ ٿيندو آهي بلڪ دنيا ۽ آخرت ۾ وڌندو آهي. الله تعالٰي سيپاري 22، سُوْرَۂ سَبَا، آيت نمبر 39 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ مَاۤ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ شَیْءٍ فَهُوَ یُخْلِفُهٗۚ وَ هُوَ خَیْرُ الرّٰزِقِیْنَ﴿۳۹﴾ (پ۲۲، سبا:۳۹)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪا شيءِ توهان الله جي واٽ ۾ خرچ ڪريو اهو ان جي بدلي ۾ ٻي ڏيندو اهو سڀ کان بهتر رزق ڏيڻ وارو آهي.

هڪ ٻي مقام تي سيپاري 3، سُوْرَةُ الْبَقَرَه، آيت نمبر 262، 261 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:



www.dawateislami.net

مَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنْۢبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ فِيْ كُلِّ سُنْۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَ اللّٰهُ يُضٰعِفُ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۶۱﴾ اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا يُتْبِعُوْنَ مَآ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّ لَآ اَذًى ۙ لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۲۶۲﴾ (پ۳، البقرة: ۲۶۲،۲۶۱)

**ترجمو ڪنزالايمان:** انهن جو مثال جيڪي پنهنجو مال الله جي راهہ ۾ خرچ ڪندا آهن اُن داڻي وانگر جنهن ڇمايا ست سنگ هر سنگ ۾ سؤ داڻا الله ان ڪان بہ زياده وڌائي ٿو جنهن لاءِ گهري، ۽ الله وسعت وارو علم وارو آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن پوءِ ڏني پنيان نہ تورو ڄاڻائن ۽ نہ تڪليف ڏين انهن جو اجورو سندن رب وٽ آهي ۽ انهن کي نہ تہ ڪو ڊپ هجي نہ ڪو غم.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ زڪوٰة ڏيڻ واري کي هي يقين رکندي خوش دلي سان زڪوٰة ڏيڻ گهرجي جو الله تعالٰي ان کي بهتر بدلو عطا فرمائيندو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيوب، صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: ”صدقي سان مال گهٽ ناهي ٿيندو.“ (المعجم الاوسط ،الحديث ۲۲۷۰،ج۱،ص۶۱۹)

چاهي ظاهري طور تي مال گهٽ ٿئي ٿو، پر حقيقت ۾ وڌي رهيو هوندو آهي ، جيئن وڻ ۾ خراب ٿيڻ واريون شاخون ڪٽڻ سان بَظاهر وڻ ۾ ڪمي نظر ايندي آهي، پر هي ڪٽڻ ان جي نشوونُما جو سبب آهي.

مُفسّرِشَهِير حڪيمُ الأُمَّت حضرتِ مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا، زڪوٰة ڏيڻ واري جي زڪوٰة هر سال وڌندي رهندي آهي. هي تجربو آهي. جيڪو هاري ٻني ۾ ٻج ڇٽي ايندو آهي، اهو بظاهر



www.dawateislami.net

ٻوريون خالي ڪري ڇڏيندو آهي، پر حقيقت ۾ اضافي سميت حاصل ڪري وٺندو آهي. گهر ۾ رکيل ٻوريون ڪُوئا ۽ سُرو وغيره جي آفتن سان هلاڪ ٿي ويندڙيون آهن يا هي مطلب ته جنهن مال مان صدقو نڪرندو رهي، ان مان خرچ ٿيندو رهي، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ وڌندو ئي رهندو، کُوهه جو پاڻي پريندا رهو ته وڌندو ئي رهندو. (مرآة المناجيح، ۳ / ۹۳)

## (12) مال جي شر کان حفاظت

ٻارهون (12) فائدو هي آهي ته زڪوٰة ڏيڻ واري جو مال شر کان محفوظ ٿي ويندو آهي. رحمتِ عالَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: جنهن پنهنجي مال جي زڪوٰة ادا ڪري ڇڏي، بيشڪ ان جي مال کان شر پري ٿي ويو.

(المعجم الاوسط،باب الالف من اسمه احمد،الحديث،۱۵۷۹، ج۱،ص۴۳۱)

## (13) مال جي حفاظت جو سبب

تيرهون (13) فائدو هي آهي ته زڪوٰة ڏيڻ مال جي حفاظت جو سبب آهي. جيئن ته فرمانِ مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: "پنهنجي مالن جي زڪوٰة ڏئي ڪري، مضبوط قلعن ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي بيمارن جو علاج خيرات سان ڪريو."

(مراسيل ابي داؤد مع سنن ابي داؤد ،باب في الزڪاة،ص۸)

## (14) حاجت روائي

چوڏهين (14) فضيلت هي آهي ته الله تعالٰي زڪوٰة ڏيڻ واري جي حاجت روائي فرمائيندو. انهي متعلق ۾ فرمانِ مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌو:



www.dawateislami.net

1. جنهن ڪنهن تنگدست جي لاءِ آساني ڪئي، اللہ تعالٰي ان جي لاءِ دُنيا ۽ آخرت ۾ آساني ڪندو.

(صحيح مسلم ،ڪتاب الذکر والدعاءِ،باب فضل الاجتماع....الخ، الحديث٢٦٩٩، ص١٤٤٧)

2. جيڪو ڪنهن مسلمان کي دنياوي تڪليف کان ڇوٽڪارو ڏي تہ اللہ تعالٰي ان جي قيامت جي ڏينهن جي مصيبت دُور فرمائيندو.

(جامع الترمذي ،ڪتاب الحدود،باب ماجاء في السترعلي المسلم،الحديث، ج٣، ص١١٥)

## (15) دعائون ملنديون آهن

۽ پندرهون (15) فائدو هي آهي تہ زڪوٰ ة سان غريبن جون دعائون ملنديون آهن، جنهن سان رحمتِ خُداوندي ۽ مددِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ٿيندي آهي. جيئن تہ پياري آقا صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: توکي اللہ تعالٰي جي مدد ۽ رزق، ضعيفن جي برڪت ۽ ان جي دُعائن جي سبب پهچندو آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب "فيضانِ زڪوٰة" جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هاڻي توهان زڪوٰة جون جيڪي برڪتون ٻڌيون، هي دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري جي مڪتبة المدينہ مطبوعہ ڪتاب "فيضانِ زڪوٰة" مان ڪجھ تبديلي سان ورتيون ويون آهن، 149 صفحن تي مشتمل ڪتاب ۾ زڪوٰ ة جي اهميت، ان جا



www.dawateislami.net

فضائل ۽ نہ ڏيڻ جا نقصانات گڏوگڏ زڪوٰة جي موضوع تي بيشمار شرعي مسئلا بہ جمع ڪيا ويا آهن. ان ڪان علاوه هن ڪتاب ۾ صدقۂ فطر ۽ عشر جا فضائل ۽ مسائل بہ انتهائي آسان انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ جيئن عوام ڪي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ۽ اُهي ان مان ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهن. ان ڪتاب ڪي هديو ڏئي حاصل ڪري نہ صرف خود پڙهو بلڪ ٻين مسلمانن ڪي بہ لنگرِ رسائل يعني تحفي طور پيش ڪري خوب خُوب ثواب ڪمايو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب ڪي رِيڊ (پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! "زڪوٰة سن (2) هجري ۾ روزن ڪان پهرين فرض ٿي. (درمختار،ڪتاب الزڪوٰة، ۲۰۲/۳) جڏهن زڪوٰة فرض ٿي تہ مالدار صحابۂ ڪِرام رِضْوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن خوش دلي سان ۽ انتهائي جوش ۽ جذبي سان پنهنجي مالن جي زڪوٰة ڏيندا هئا. اچو تہ انهي متعلق هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون. جيئن تہ،

## صحابۂ ڪرام جو جذبو

حضرتِ سَيِّدُنا اُبَي بِن ڪَعب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري سرڪارِ دوعالَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون ڪي زڪوٰة وُصول ڪرڻ لاءِ موڪليو تہ هڪ شخص وٽ پهتس. انهن پنهنجو سڀ



www.dawateislami.net

مال مون آڏو جمع ڪيو، مون ڏنو تہ اُن تي هڪ سال جي ڏاچي لازم اچي ٿي. مون اُن کي چيو تہ پنهنجي زڪوٰة ۾ هڪ سال جي ڏاچي ڏئي ڇڏ، ڇو جو اها ئي تنهنجي اُنن جي زڪوٰة آهي. ان چيو: ”هڪ سال جي ڏاچي کھڙي ڪم ايندي؟ اها تہ نہ سُواري جو ڪم ڏئي سگھي ٿي نہ کير جو، هي ڏسو هڪ طاقتور ۽ جوان ڏاچي آهي، توهان ان کي زڪوٰة ۾ کڻي وڃو.“ مون چيو: آئون اهڙي شيءِ هرگز نہ وٺندس جنهن جو مون کي حڪم نہ ڪيو ويو آهي. ها! ايئن ٿي سگھي ٿو حُضُور صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تنهنجي ويجهو ئي آهن، جيڪڏهن تنهنجي دل چاهي تہ حضورِ اقدس صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي خود انهن کي پيش ڪر. جيڪڏهن حُضُور صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبول فرمائن تہ آئون وٺندس ۽ انڪار فرمايائون تہ آئون نہ وٺندس. انهن چيو نيڪ آهي ۽ اهو ان ڏاچي کي وٺي مون سان گڏ هلي پيو. جڏهن اسان حُضُورِ اَقدس صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ پهتاسين تہ انهن عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان جو قاصد منهنجي مال جي زڪوٰة وصول ڪرڻ جي لاءِ مون وٽ آيو ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اها سعادت پهرين مون کي نصيب نہ ٿي آهي تہ حُضُور صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يا پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قاصد منهنجي مال جو معائنو فرمايو هجي. مون توهان صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قاصد آڏو تمام اُٺ پيش ڪري ڇڏيا تہ ان جي خيال ۾ مون تي هڪ سال جي ڏاچي لازم آئي. هڪ سال جي ڏاچي نہ کير جو ڪم ڏئي سگھي ٿي ۽ نہ ئي سُواري جو، ان لاءِ مون هڪ جَوان، صحت مند ڏاچي پيش ڪئي تہ ان کي زڪوٰة ۾ قبول



www.dawateislami.net

فرمايو، پر انھن انڪار ڪري ڇڏيو. يارَسُولَ الله صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اھا ڏاچي آئون توھان جي بارگاھ ۾ ڪٽي آيو آھيان. توھان ان کي قبول فرمايو. پياري آقا صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: تو تي لازم تہ اھو ئي آھي. ھا! جيڪڏھن تون پنھنجي خوشي سان وڏي عمر جي ڏاچي ڏين ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ توکي ان جو اجر ڏيندو ۽ اسان ان کي قبول ڪري ٿا وٺون. انھن عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ھي ڏاچي آھي جيڪا آئون گڏ ڪٽي آيو آھيان، توھان ان کي قبول فرمائي وٺو، تہ رَسُولُ الله صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي وٺڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ۽ ان جي مال ۾ برڪت جي دعا فرمائي.

(ابوداود، ڪتاب الزڪاة، باب زڪاة السائمة ، ۲/۱۴۸، حديث: ۱۵۸۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توھان ڏٺو تہ صحابہء ڪِرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي دلين ۾ زڪوٰة ادا ڪرڻ جو ڪيتري قدر جذبو موجود ھو جو اھي الله عَزَّوَجَلَّ جي راھ ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنھنجو سڀ کان اعلٰي مال پيش ڪندا ۽ ان کي پنھنجي لاءِ باعثِ سعادت سمجھندا ھئا. پر افسوس! ھڪ اسان آھيون جو خوش دلي سان زڪوٰة ادا ڪرڻ تہ پري جي ڳالھ، اسان جو وڏو تعداد زڪوٰة ادا ئي نہ ٿو ڪري. ياد رکو! قُرآنِ مجيد، فرقانِ حميد ۾ سيپاري 10، سُوْرَةُ التَّوْبَه ، آيت نمبر 34 ۾ زڪوٰة ادا نہ ڪرڻ وارن جي باري سخت وعيد آئي آھي، جيئن تہ ارشادِ باري تعالٰي آھي:



www.dawateislami.net

وَالَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَ الْفِضَّةَ وَ لَا يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۳۴﴾ (پ۱۰، التوبة:۳۴)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪي ڳڏ ڪري رکن ٿا سون چاندي ۽ ان کي الله جي راهه ۾ خرچ نه ٿا ڪن انهن کي خوشخبري ٻُڌاءِ دردناڪ عذاب جي.

**زڪوٰة نه ڏيڻ وارن جي باري ۾ وعيدن تي مشتمل ٻه فرامينِ مصطفٰي** صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سماعت ڪريو:**

1. **دوزخ ۾ سڀ کان پهريان ٽي (3) شخص ويندا، ان ۾ هڪ مالدار به آهي جيڪو پنهنجي مال ۾ الله** عَزَّوَجَلَّ **جو حق** (زڪوٰة) **ادا نه ٿو ڪري.**

(ابن خزيمة، ڪتاب الزڪاة ، باب ذڪر ادخال مانع الزڪاة...الخ، الحديث: ۲۲۴۹، ج۴، ص۸ ملخصًا)

2. **جيڪو شخص سَون ۽ چاندي جو مالڪ هجي ۽ ان جو حق** (يعني زڪوٰة) **ادا نه ڪري ته قيامت جي ڏينهن ان جي لاءِ باهه جا سليب وڇايا ويندا جن کي جهنم جي باهه ۾ تپائي گرم ڪيو ويندو ۽ ان سان ان جا پاسا، پيشاني ۽ پُٺي ڏنپيا ويندا، جڏهن اهي ٺڏا ٿيڻ تي ايندا ته ٻيهر پهريان وانگر ئي ڪيا ويندا.** (هي معاملو جاري رهندو) **ان ڏينهن جنهن جو مقدار پنجاهه هزار** (50,000) **سال آهي، ايستائين جو ٻانهن جا فيصلا ٿي ويندا، هاڻي اهو پنهنجي راهه ڏسندو، چاهي جنت جي طرف وڃي يا جهنم جي طرف.**

(صحيح مسلم، ڪتاب الزڪاة، باب اثم مانع الزڪوة ، حديث: ۹۸۷، ص۴۹۱)



www.dawateislami.net

ڈَر لگ رہا ہے آہ! جہنّم کی آگ سے　　بخشش کا مجھ کو مُژدَہ سُنا دِیجئے حُضُور

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! بيشڪ الله رَبُّ العَالَمِيْن حڪيم (حڪمت وارو) آهي ۽ حڪيم جو ڪو ڪم حڪمت کان خالي نہ هوندو آهي، ان پنهنجن ٻانهن جي لاءِ جيڪي بہ احڪام نازل فرمايا، اهي سڀ حڪمت سان ڀرپور آهن، چاهي اسان جون ناقص عقلون ان حڪمتن تائين پهچ حاصل ڪري نہ سگهن. زڪوٰة بہ هڪ اهڙو فريضو آهي، جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ بيشمار حڪمتون رکيون آهن. اچو تہ ان مان ڪجھ حڪمتون ٻڌون ٿا.

## زڪوٰة جي ادائيگي جون حڪمتون

1. سَخاوت انسان جو ڪمال آهي ۽ بُخل عيب. اسلام زڪوٰة جي ادائگي جهڙو پيارو عمل مسلمانن کي عطا فرمايو تہ جيئن انسان ۾ سخاوت جهڙو ڪمال پيدا ٿئي ۽ بُخل جهڙو بدترين عيب ان جي ذات مان ختم ٿئي.

2. جيئن هڪ مُلڪي نظام هوندو آهي تہ اسان جي ڪمائي ۾ حڪومت جو حصو هوندو آهي، جنهن کي اهي ٽيڪس جي طور تي وصول ڪندي آهي ۽ پوءِ اهو ٽيڪس اسان جي مفاد ۾ يعني ملڪي انتظام تي خرچ ٿيندو آهي. بلاتشبيہ اسان کي مال ۽ دولت



www.dawateislami.net

۽ ٻين ڪيترن ئي نعمتن سان نوازڻ واري ربّ عَزَّوَجلَّ ئي جي پياري ذات آهي ۽ زڪوٰة الله عَزَّوَجلَّ جو حق آهي، جيڪو اسان جي ئي غريبن تي خرچ ڪيو ٿو وڃي.

3. ربّ عَزَّوَجلَّ چاهي ها تہ سڀني کي مال ۽ دولت عطا فرمائي ڪري غني ڪري ڇڏي ها، پر ان جي مشيّت آهي جو ان پنهنجن ئي ٻانهن ۾ ڪن کي امير ۽ دولت مند ڪيو ۽ ڪن کي غريب رکيو ۽ اميرن يعني صاحبِ نصاب تي زڪوٰة جي ادائگي لازم ڪئي تہ جيئن ان سان اميرن ۽ غريبن ۾ پيار، محبت ۽ پاڻ ۾ امداد جو جذبو پيدا ٿئي ۽ الله عَزَّوَجلَّ جي نعمت کي سڀ ملي ڪري کائين ۽ ان جو شڪر ادا ڪن.

4. شريعت زڪوٰة فرض ڪري ڪا اڻ ٽيڻي شي فرض ناهي ڪئي بلڪ اسان پنهنجي آس پاس غور ڪريون تہ زڪوٰة جي حقيقت هر جڳهہ موجود آهي. جيئن تہ ميون جو ڳُودو انسان جي لاءِ آهي ۽ ڇِلڪو جانورن جو حق آهي. ڪڻڪ ۾ ميوو (يعني ٻج) اسان جو حصو پر ڀُوسو جانورن جو، ڪڻڪ ۾ ٻہ اَٽو اسان جو آهي ۽ ٻُهہ جانورن جو. اسان جي جسم ۾ وار ۽ ننهن وغيره جو شرعي حد کان وڌڻ جي صُورت ۾ عليحده ڪرڻ ضروري آهي جو هي سڀ جسم جي زڪوٰة يعني اضافي شيءِ ميل آهي. بيماري تندرستي جي زڪوٰة، مصيبت راحت جي زڪوٰة، نمازون دنياوي ڪاروبار جي جڻ تہ زڪوٰة آهن.



www.dawateislami.net

5. جيڪڏهن اهو شخص جنهن تي زڪوٰة فرض آهي، زڪوٰة جي ادائيگي جو التزام (يعني پنهنجي مٿان لازم) ڪري وٺي ته مسلمان ڪڏهن بين جا محتاج نه ٿيندا. مسلمانن جون ضرورتون مسلمانن ڪان ئي پوريون ٿي ويندیون ۽ ڪنهن کي خيرات گهرڻ جي حاجت پيش نه ايندي. (رسائل نعيميه، ص۲۹۸، بتصرف)

بهرحال دولت کي تجورين ۾ بند (بينڪ ۾ جمع) ڪرڻ جي بجاءِ، زڪوٰة ۽ صَدقات جي صورت ۾ راهِ خدا ۾ خرچ ڪريون، نه ته يقين ڪريو ته زڪوٰة ادا نه ڪرڻ، آخرت جي دردناڪ عذاب ۽ دنيا ۾ معاشي بدحالي جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو. زڪوٰة ادا نه ڪرڻ جا بي شمار نقصانات آهن انهن مان ڪجھ هي آهن.

## مال جي بربادي

زڪوٰة نه ڏيڻ مال جي بربادي جو سبب آهي. اچو ته! انهي متعلق ٻه فرامين مصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سماعت فرمايون:

1. خشڪي ۽ تَري ۾ جيڪو مال ضايع ٿيو آهي، اهو زڪوٰة نه ڏيڻ جي وجه سان تلف (برباد) ٿيو آهي.
2. زڪوٰة جو مال جنهن ۾ مليل هوندو، ان کي تباھ ۽ برباد ڪري ڇڏيندو.

صَدرُ الشّريعه ،بَدرُالطَّرِيقه مفتي محمد اَمجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ ان حديثِ پاڪ جي وضاحت ڪندي لکن ٿا: ڪجھ اَئِمّه ان حديثِ پاڪ



www.dawateislami.net

جي هي معنٰي بيان ڪئي ته زڪوٰة (زڪوٰة) واجب ٿي ۽ ادا نه ڪئي ۽ پنهنجي مال ۾ ملائي رکي ته هي حرام ان حلال کي هلاڪ ڪري ڇڏيندو ۽ امام احمد (رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْہ) جن فرمايو ته معنٰي هي آهي ته مالدار شخص مالِ زڪوٰة (زڪوٰ ة) وٺي ته هي زڪاة (زڪوٰة) ان جي مال کي هلاڪ ڪري ڇڏيندي جو زڪاة (زڪوٰة) فقيرن جي لاءِ آهي ۽ ٻئي معنٰي صحيح آهن.

## اجتماعي نقصان

زڪوٰة ادا نه ڪرڻ واري قوم کي اجتماعي نقصان کي به منهن ڏيڻو پوندو آهي. اچو ته ان باري ۾ به فرامينِ مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون:

1. جيڪا قوم زڪوٰة نه ڏيندي، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي قَحط (ڏُڪار) ۾ مبتلا فرمائيندو.

2. جڏهن ماڻهو زڪوٰة جي ادائيگي ڇڏي ڏيندا، ته الله عَزَّوَجَلَّ بارش روڪي ڇڏيندو، جيڪڏهن زمين تي چوپايا موجود نه هجن ته آسمان کان هڪ قطرو پاڻي نه ڪِري ها.

## مال، وبال بڻجي ويندو

زڪوٰة نه ڏيڻ واري جي لاءِ قيامت جي ڏينهن اهو ئي مال جان جو وبال بڻجي ويندو. جيئن ته الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب ، داناءِ غيوب صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: جنهن کي الله تعالٰي مال ڏنو ۽ اهو ان جي زڪوٰة ادا نه ڪري ته قيامت جي ڏينهن اهو مال



www.dawateislami.net

گنجي نانگ جي صورت ۾آندو ويندو، جنهن جي مٿي تي ٻه ڪارا نشان هوندا، اهو نانگ ان جي ڳچيءَ جو هار بڻائي پارايو ويندو. پوءِ ان (زڪوٰة نه ڏيڻ واري) جون واڇون پڪڙيندو ۽ چوندو: ”آءُ تنهنجو مال آهيان، آءُ تنهنجو خزانو آهيان“.

(صحيح البخارى، ڪتاب الزڪوٰة ، باب اثم مانع الزڪوٰة، الحديث۱۴۰۳، ج۱، ص۴۷۴)

## حساب ۾ سختي

زڪوٰة نه ڏيڻ واري جي حساب ۾ سختي ڪئي ويندي، جيئن ته شهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”فقير هرگز بُکيا اگهاڙا ٿيڻ جي تڪليف نه ڪٽندا، پر مالدارن جي هٿان، ٻڌي وٺو اهڙن مالدارن کان الله تعالٰي سخت حساب وٺندو ۽ انهن کي دردناڪ عذاب ڏيندو.

(مجمع الزوائد،ڪتاب الزڪوٰة،باب فرض الزڪوٰة،الحديث۴۳۲۴، ج۳، ص۱۹۷)

## عذابن جو نقشو

شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنت حضرت علامه مولانا ابُوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي مشهورِ زمانه تاليف ”فيضانِ سُنّت“ جلد پهرين جي صفحي نمبر 405 تي لکن ٿا:

منا منا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! زڪوٰة ادا ڪرڻ جو جتي بيشمار ثواب آهي اتي نه ڏيڻ وارن جي لاءِ خوفناڪ عذاب به آهن جيئن منهنجا آقا، اعلٰي حضرت امامِ اهلسُنّت مولانا شاهه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن قُرآن وحديث ۾ بيان ڪيل عذابن جو نقشو چٽيندي فرمائن ٿا ته ”خلاصو هي آهي ته جنهن سَون چاندي جي زڪوٰة نه ڏني



www.dawateislami.net

وجي، قيامت جي ڏينهن جهنّم جي باھ ۾ تپائي ڪري ان سان سندن پيشانين ، پاسن ۽ پنين تي داغ لڳايا ويندا، انهن جي مٿي ۽ ڇاتي تي جهنم جو گرم پٿر رکندا تہ ڇاتي ٽوڙي ڪري ڪلهي ڪان نڪري ويندو ۽ ڪلهي جي هڏيءَ تي رکندا تہ هڏا ٽوڙيندو سيني ڪان نڪري ايندو، پُٺي ٽوڙي پاسن ڪان نڪري ويندو، ڪياڙي ٽوڙي پيشانيءَ ڪان نڪري ايندو، جنهن مال جي زڪوٰة نہ ڏني ويندي قيامت جي ڏينهن پراڻو خونخوار ازدها (وڏو نانگ) بڻجي ڪري ان جي پويان ڊوڙيندو، هي هٿ سان روڪيندو تہ هو هٿ چٻاڙي وٺندو، پوءِ ڳچيءَ ۾ ڳٽ بڻجي پوندو، ان جو وات پنهنجي وات ۾ وجهي چٻاڙيندو تہ مان آهيان تنهنجو مال مان آهيان تنهنجو خزانو، پوءِ ان جو سمورو جسم چٻاڙي ڇڏيندو. وَالْعِيَاذُ بِاللّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن (فتاوٰی رضویه ، ۱۰/ ۱۵۳) منهنجا آقا اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه زڪوٰة نہ ڏيڻ وارن کي قيامت جي عذاب ڪان ديڄاري ڪري سمجهائيندي فرمائن ٿا تہ ”اي عزيز! ڇا خدا (عَزَّوَجَلَّ) ۽ رسول (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي فرمان کي ايئن ئي مذاق مسخري سجهين ٿو؟ يا (قيامت جي هڪ ڏينهن) پنجاھ هزار ورهين جي عرصي ۾ هي ساھ سڪائيندڙ مصيبتون سهڻ آسان ڄاڻين ٿو؟ ٿورو هتان جي باھ ۾ هڪ اڌ روپيو (ننڍڙو سڪو) گرم ڪري جسم تي رکي ڏس، پوءِ ڪٿي هيءَ هلڪي گرمي، ڪٿي اها قهر (واري) باھ، ڪٿي هي صرف هڪ روپيو، ڪٿي اهو سڄي عمر جو گڏ ڪيل مال ڪٿي هيءَ هڪڙي منٽ جي دير، ڪٿي اها هزار سال ڏينهن جي آفت،



www.dawateislami.net

ڪٿي هي معمولي داغ، ڪٿي اهو هڏا ٽوڙي ڪري آرپار ٿيڻ وارو غضب. اللّٰه تعالٰي مسلمانن کي هدايت بخشي. (فتاوٰی رضویه، ١٠/ ١٨٥)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هردم وابسته رهو. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ زڪوٰة ۽ صدقات جي ضروري احڪامات جي معلومات ٿيندي رهندي ۽ عمل جي جذبي ۾ به اضافو ٿيندو ويندو. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي هردم دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابسته رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

امین بجاہِ النبی الامین صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ٻڌو ته زڪوٰة ادا نه ڪرڻ وارا ڪيتري خساري ۾ آهن جو دنيا ۾ به نقصان ڪٽندا ۽ آخرت ۾ دردناڪ عذاب ۾ مبتلا ٿيندا. قارُون جو واقعو عبرت جي قابل آهي ته جنهن کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ بي پناه دولت سان نوازيو هو پر جڏهن زڪوٰة ڏيڻ جو وقت آيو مال جي محبت ان کي زڪوٰة ادا ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ ايئن اهو حضرتِ موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام تي تهمت لڳائڻ جي مذموم ڪوشش ڪندي غَضَبِ الٰهي جو شڪار ٿيو ۽ پنهنجي بلند ۽ ڊگهن مڪانن ۽ خزانن سميت زمين ۾ دٻايو ويو ۽ قيامت تائين دٻجندو ويندو. زڪوٰة ڏيڻ ايمان جي تڪميل جو ذريعو آهي، زڪوٰة ڏيڻ واري تي رحمتِ الٰهي جي برسات ٿيندي آهي، زڪوٰة ڏيڻ سان تقوٰي و پرهيزگاري ۽ فلاح و ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي. زڪوٰة سان اسلامي ڀائي چاري ۾



www.dawateislami.net

اضافو ٿيندو آهي گڏوگڏ مال جي حفاظت ٿيندي آهي، مال پاڪ ٿي ويندو آهي ۽ ان ۾ برڪت نازل ٿيندي آهي. زڪوٰة ڏيڻ وارو شر کان محفوظ ٿي ويندو آهي ۽ ان کي غريبن ۽ ضعيفن جون دعائون ملنديون آهن. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ پنهنجي مال جي زڪوٰ ة ادا ڪرڻ ۽ وڌ کان وڌ پنهنجي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمين بجاهِ النبی الامين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلسِ افتاء جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪنهن بہ قسم جي شرعي رهنمائي ۽ مسائل جي حل جي لاءِ دارالافتاء اهلسُنت سان رُجوع ڪريو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي شعبہ جات مان هڪ شعبو ”مجلسِ افتاء“ بہ آهي. جنهن جي تحت سڀ کان پهريون دارالافتاء 15 شعبان المعظم 1421ھ ۾ جامع مسجد ڪنزالايمان، بابري چوڪ بابُ المدينہ (ڪراچي) ۾ قائم ٿيو ۽ ڪراچي جي مختلف علائقن ۽ هن وقت پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ بہ دارالافتاء اهلسُنت قائم ٿي چڪا آهن، جتي مُفتِيانِ ڪرام ۽ عُلماءِ ڪرام اُمّتِ مسلمہ جي شرعي رهنمائي ۾ مصروفِ عمل آهن. ان کان علاوه مجلسِ افتاء جي تحت هڪ شعبو ”دارالافتاء آن لائن“ بہ آهي جتي اِفتاء جا اسلامي ڀائر انتهائي ذمہ داري سان ٽيلي فون ۽ انٽرنيٽ تي پوري دُنيا جي مسلمانن طرفان پڇيا ويندڙ مسائل جو هٿو هٿ حل



www.dawateislami.net

ٻڌائيندا آهن. دارالافتاء آن لائن جي اسلامي ڀائرن ڪان انٽرنيٽ جي ذريعي پوري دنيا مان ان اي ميل ايڊريس (darulifta@dawateislami.net) تي سُوالن جا جواب معلوم ڪري سگهجن ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن ۾ حصو وٺو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سُنتن تي عمل جو جذبو حاصل ڪرڻ ۽ پاڻ کي فرائض ۽ واجبات، سنتن ۽ مستحبات جو پابند بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان روزانہ وارو هڪ مدني ڪم چوڪ درس بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ چوڪ درس مسلمانن کي بُرائين کان بچائڻ، نيڪي جي رغبت ڏيارڻ، نمازن جي پابندي جو ذهن بنائڻ سان گڏوگڏ علمِ دين جون ڪيتريون ئي ڳالهيون سکڻ ۽ سيکارڻ جو ذريعو آهي ۽ ماڻهن تائين علمِ دين جون ڳالهيون پهچائڻ اجر ۽ ثواب جو ڪم آهي.

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو شخص منهنجي اُمّت تائين ڪا اسلامي ڳالھ پهچائي تہ جيئن ان سان سُنت قائم ڪئي وڃي يا ان سان بدمذهبي دُور ڪئي وڃي تہ اهو جنتي آهي. (حلية الاولياء،١٠/٤٥، حديث: ١٤٤٦٦) هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: ”اللّٰه تعالٰي ان جو ايمان ترو



www.dawateislami.net

تازه رکي جيڪو منهنجي حديث کي ٻڌي، ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي.“(ترمذی،کتاب العلم،باب ماجاء في الحث علي تبليغ السماع، ۴/ ۲۹۸ ،حدیث: ۲۶۶۵)

## هر ڪلمي تي سڄي سال جي عبادت جو ثواب

حُجَّةُ الاِسلَام حضرت سَيدُنا امام ابُو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت سَيدُنا مُوسٰي ڪليمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو: يا الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي نيڪي جو حڪم ڪري ۽ بُرائي کان روڪي. ان جي جزا ڇا آهي؟ الله تَبَارَکَ وَ تَعَالٰی ارشاد فرمايو: مان ان جي هر ڪلمي (جُملي) جي بدلي هڪ هڪ سال جي عبادت جو ثواب لکندو آهيان ۽ ان کي جهنم جو عذاب ڏيندي مون کي حيا ايندي آهي.
(مکاشفة القلوب ،ص۴۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته نيڪي جي دعوت ڏيڻ جا ڪيتري قدر فضائل آهن، چوڪ درس به مسلمانن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ ۽ علمِ دين سيکارڻ جو اهم ذريعو آهي جو ماڻهو بازارن ۾ ويهي بدنگاهي، فضول ڳالهين ۽ طرح طرح جي گناهن ۾ مشغول ٿي سگهن ٿا، ڪڏهن ڪڏهن ته چوڪ درس ۾ شرڪت جي برڪت سان سندن زندگي ۾ اهڙو مدني انقلاب اچي ويندو آهي جو اهي پنهنجي گناهن ڀري زندگي کان توبه ڪري نيڪين جي راهه تي هلڻ شروع ٿي ويندا آهن. اچو ته انهي متعلق هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.



www.dawateislami.net

## عيّاش نوجوان

زَمَ زَمَ نگر، حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) جي علائقي محبوب ٽاؤن جي مقيم اسلامي ڀاءُ پنهنجي بي رونق زندگي ۾ مدني بهار اچڻ جو تذڪرو ڪجھ هن طرح ڪري ٿو ته: آءُ هڪ عيّاش نوجوان هئس. برائين جي ڏُٻڻ ۾ ايتري قدر ڦاسي چڪو هئس جو شراب نوشي جهڙي بُري عادت ۾ گرفتار ٿي ويس. هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي سان وابسته اسلامي ڀاءُ شفقت ڀري انداز ۾ چوڪ درس ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، مون ان جي دعوت قبول ڪندي سُنتن ڀرئي درس ۾ شرڪت ڪئي. درس جي تاثير ڀريل لفظن منهنجي دل جي دنيا بدلائي ڇڏي، آهسته آهسته اسلامي ڀائرن جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان مدني ماحول جي ويجهو کان ويجهو ٿيندو ويس. عاشقانِ مصطفٰي جي صحبت جي برڪت سان رَمضانُ المبارڪ جي آخري عشري (ڏهاڪي) جي تربيتي اعتڪاف جي سعادت ملي. علمِ دين سکڻ لاءِ مليو، چڱن ماڻهن جي صحبت ته ڇا ملي جو دل جي ڪاراڻ ڌوپجڻ لڳي. نماز کان ڀري ڀڄڻ وارو شخص مسجد جي پهرين صف ۾ تَڪبِيرِ اولٰي سان باجماعت نماز ادا ڪرڻ وارو بڻجي ويو. شراب ۾مست رهڻ وارو عشقِ مصطفٰي ۾ تڙپڻ وارو بڻجي ويو. مهڪندڙ مهڪندڙ مدني ماحول جي پُر بهار فضائن ۾ اهڙو ذهن بڻيو جو آءُ مشڪبار مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس ۽ مون کي شراب نوشي ۽ ٻين گناهن جي نحوستن کان نجات ملي وئي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (5)ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللہِ الۡھَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2]... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[3]...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149



www.dawateislami.net

## (6)قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرۡضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي ڪري صَحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[1]

## (7) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنۡزِلۡہُ الۡمَقۡعَدَ الۡمُقَرَّبَ عِنۡدَکَ یَوۡمَ الۡقِیَامَۃِ

**شافعِ امم** صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن جو** فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هيئن درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب!          صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

---

[1]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net